سنڌي ادبي بورڊ جو ٻارن لاء ماهوار رسالو

# گلِ ڦل

(جاري ڪيل- 1959ع)

جلد 12] آڪٽوبر ۽ نومبر 1978ع [نمبر 10-11

لطيف نمبر

•

ايڊيٽر

انور هالائي

•

مئنيجنگ ايڊيٽر

ظفر حسن

•

سب ايڊيٽر

اڪبر جسڪاڻي

ڪور ڊزائين: عبدالفتاح هاليپوٽو

قيمت هي پرچو: Rs. 2.00 سالياني ايڊيشن: Rs. 10.00

مواد موڪلڻ لاء ائڊريس:

ايڊيٽر "گل ڦل"، سنڌي ادبي بورڊ، جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر 12 حيدرآباد، سنڌ.

ڪاروباري لکپڙهه ۽ سرڪيوليشن لاء ائڊريس:

مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال

پوسٽ باڪس نمبر 12 حيدرآباد، سنڌ.

ذوالفقار سيال

# سچ جو سنيهو

شعلا، شعلا پنهنجيون ٻاري، آءُ تہ پنهنجائپ مچ مچايون،
پيار ٻهڪيڙي، نفرت واري، ڪاري ڪاري ٻات ڪٽايون.

آڌيءَ ويلي اندر کولي، تنهنجي سُر تي ساز وڄائي،
هرڪنهن گس تي ڏيئو ٻاري، رت ولوڙي، ريت نڀايون.

ٻيٽن مان خوشبوءِ سان گڏ، ڳاڙهي ريتي، سرخي روڙي،
ڇهرن تان ميرائپ ڌوئي، ٻاڪن جهڙي لاک لڳايون.

تنهنجا سارا گيت گلابي، جڳمڳ جڳمڳ جهرمر لائن،
الٻلت جهڙا سر وکيري، ڏيهن ۾ سرهاڻ وڇايون.

آءُ پنهنجائي! جوڙ مٽائي، ٻيٽن ۾ پيغام ڪٽي کو،
جنهن سان پورپون، سارا پٿر، سينو سنگن سان ٽڪرايون.

زلف وري سڏ آيو آهي، مينديءَ جهڙي خوشبو ڦهلي،
پنهنجي نيڻن جي ڇپرن سان، ڪاوا راهن مان هي هٽايون.

• ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق

# ڀٽائي گهوٽ

١- اي ڀٽائي گهوٽ، توکي سنڌ جي عظمت چوان،
يا حقيقت آشنا يا شاعرِ فطرت چوان.

٢- معرفت جي بحر جا موتي ڏنا تو بي شمار،
توکي مان غواص سمجهان، واقفِ حڪمت چوان.

٣- ديد تنهنجيءَ، عشق جي اسرار کي ظاهر ڪيو،
توکي مان عامل چوان يا ڪاملِ قدرت چوان.

٤ ڪائناتِ زندگيءَ ۾ تو ڏٺو هڪڙو وجود،
لک لباسن ۾ به توکي عاشقِ وحدت چوان.

٥- تنهنجي خدمت ۾ فرشتا پيي سدا ڪن ٿا سلام،
نور جو مظهر چوان يا خاڪ جي عظمت چوان.

٦- زور کهڙي تي جهڪائي تو آ ساري ڪائنات،
عشق جي هيءَ انتها يا ربّ جي قربت چوان.

٧- تو سيکاتو ٻاڻ کي مشتاق تي توحيد جو،
هرطرح تنهنجي رسول الله ﷺ سان نسبت چوان.

● راهي چنا

# ڀيڄ ڀٽائي

ڪريو ياد ٻارو بيت ڀٽائي جا،
جهونگاريو، ڳايو بيت ڀٽائي جا.

لڳي جڏهن ميلو، هلو ٻاريون ٿاهي،
عقيدت محبت واريون ٿاهي.

ڀٽائي جي بيتن ۾ سبق سمجهائيون،
پيار سنڌيون عجب لوڪ کهائيون.

ڏني سائين ساري جڳ کي دعا آ،
ڀٽائي بيشڪ انسانيت لئه هدا آ.

ٿئي جڏهن ڪارڙو ڪمارڙو ٻارو،
هڻو گڏجي نعرو ڀيڄ ڀٽائي جو ٻارو.

شاهه جون وايون ۽ بيت دوها،
گجر مينهن جا چرخ منترا گوها.

ٻارو وطن لئي ڏسو مارئي جي محبت،
رکي هر حال ۾ جنهن مارن جي عزت.

ڪينجهر ڪنارا سپ تل ترايون،
هت آگريون ڪل ڪرايون.

خالي خالي هن راهي جو جهول،
ڏات ڏئي ڏي تون ٻه ٽي ٻول.

● مس منور صدر

# وايون

تنهنجي آئي ٽر ٻر برسيو، مند ملهاري آئي،
پيهج پٽائي، پيهج پٽائي.

تنهنجي ئي گيتن سان ساري، سنڌ سڳاري سائي،
پيهج پٽائي، پيهج پٽائي.

گونجي ٿي، جهر جهنگ ۾، تنهنجي حق جي وائي،
پيهج پٽائي، پيهج پٽائي.

مارووڙن جي محبت ۾ تو، ڪئي نہ ويرَ وڏائي،
پيهج پٽائي، پيهج پٽائي.

سنڌ رسالي هر ڪنهن من ۾، محبت آهہ مچائي،
پيهج پٽائي، پيهج پٽائي.

---

● فضل الرحمان ميمڻ

مٺڙا تنهنجا ٻول پٽائي، مٺڙا تنهنجا ٻول.
تنهنجون ڳالهيون مٺڙيون مٺڙيون، هر ڪو قول انمول.
جملا جيئن جواهر جهرڪن، جهُلي جهليو سين جهول.
سونَ سريکي ٻولي تنهنجي، مُرڪي موتي رول.
تنهنجي ٻولي زنده رهندي، چوڌاري چوء ٻول.
دنيا جي گولي تي آ، ڀاتل تنهنجو گول.

• اختر درگاهي

# سنڌ سونهاري

سنڌڙي يار سونهاري آ،
مون کي جان کان پياري آ.

سنڌ ۾ آهي شاهه پٺائي،
جنهن ڳائي آ سچ جي وائي،
سنڌڙي سچ سنواري آ.

سنڌ ۾ آهي لال قلندر،
جيڪو آهي پنهنجو رهبر،
هر هنڌ بوند بهاري آ.

سنڌ ۾ آهي سچل سائين،
حق سچ جو پيغام ڏنائين،
هوشو هر هڪ هاري آ.

پنهنجي مٽيءَ کان ماڻڪ گهٽ،
مٽيءَ کي نه انهن تي مٽِ،
سنڌڙي سورهيه ساري آ.

• زاهد شيخ

# لال لطيف

سنڌڙي ساري
تنهنجي هوندي
سڪي سڪاري

شاهاڻا شاهه
تون ئي آهين
بي واهن جي واهه

ٻاري سچ جي ٻاهه
ڏاها، ساري ڏيهه تان
ٽڙي ڇڏيئي اونداهه

موج پريو مهراڻ
تنهنجي بيتن واين جي
لهر لهر سرهاڻ.

---

# شجرو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح



ولادت: هالا حويلي، تعلقو هالا ضلع حيدرآباد.
١١٠٢هه=١٦٨٩ع

وفات: ڀٽ شاهه، تعلقو هالا، ضلع حيدرآباد.
١١٦٥هه=١٧٥٢ع

حضرت شاهه عبداللطيف ولد سيد حبيب الله (سيد حبيب) ولد سيد عبدالقدوس ولد سيد جمال ولد سيد عبدالڪريم ولد سيد الله (لعل محمد) ولد سيد عبدالمومن ولد سيد هاشم ولد سيد حاجي شاهه ولد سيد جلال ولد سيد شرف الدين ولد سيد مير علي ولد سيد حيدر هروي ولد سيد مير علي ولد سيد محمد (حسين) ولد سيد علي ولد سيد احمد (يوسف) ولد سيد محمد ولد سيد ابراهيم (يوسف) ولد سيد الحواري ولد سيد حسين اڪبر ولد سيد جعفر الحواري ولد امام موسيٰ ڪاظم ولد امام جعفر صادق ولد امام محمد باقر ولد امام زين العابدين ولد امام حسين عليه السلام ولد سيدنا علي المرتضيٰ (ڪرم الله وجهه)

موڪليندڙ: ميمڻ عبدالغفور سنڌي لاڙڪاڻو

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي

# شاهه عبداللطيف جي حياتي

شاهه عبداللطيف، سيد حبيب الله شاهه جو پٽ، سيد عبدالقدوس شاهه جو پوٽو ۽ سيد جمال شاهه جو پڙپوٽو هو. شاهه عبداللطيف حيدرآباد ضلع جي هالا تعلقي ۾ هالا حويليءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. اهو ڳوٺ هاڻي ويران آهي ۽ ڀٽ شاهه کان اٽڪل 18 ميل پري سندس ڦٽل نشان، اڃا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جنهن گهر ۾ شاهه صاحب ڄائو هو، اتي پوءِ هڪ مسجد جوڙائي وئي هئي. جا اڃا تائين قائم آهي.

شاهه ڀٽائي جي ڄمڻ جي تاريخ پوريءَ طرح معلوم ٿي نه سگهي آهي، پر سڀيئي روايتون، ان ڳالهه تي متفق آهن ته هو سن 1102 هجري مطابق 1689ع–1690ع ڌاري ڄائو هو.

چون ٿا، ته شاهه عبداللطيف جي پيءُ شاهه حبيب کي پهريان ئي اولاد ڪونه ٿيندو هو، پوءِ وڃي ڪنهن وليءَ کان دعا گهريائين، جنهن دعا ڪيس ته توکي پٽ ڄمندو جو زماني جو قطب ٿيندو ۽ سندس نالو عبداللطيف رکجائين. ستت ئي ڪيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين، پر اهو ننڍي هوندي ئي گذاري ويو. وري ٻئي گهر مان هڪ پٽ ڄائس، جنهن جو نالو جمال شاهه رکيائين، وري ٽيئين گهر مان ٻيو پٽ ڄائس، جنهن جو نالو پڻ عبداللطيف رکيائين، جيڪو اڄڪلهه شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نالي سان مشهور آهي.

شاهه ڀٽائي جي ماءُ، شاهه دياني جي نياڻي هئي، جنهن کي مخدوم عربي ڪري سڏيندا هئا. ان بزرگ جي ساري حياتي مجذوبيءَ جي حالت ۾ گذري ۽ ماڻهن جو منجهس وڏو ويساهه هو. سندس مقبرو اڃا تائين هالن پراڻن جي ايرندي طرف آهي.

شاهه ڀٽائي جي ڄمڻ ڪانپوءِ، شاهه حبيب، هالا حويليءَ مان لڏي، ڪوٽڙيءَ

ٽالي هڪ ڳوٺ ۾ اچي ويٺو، جو هالڻ ڪٺي ويو آهي ۽ ڀٽ کان 4 ميل پري آهي. شاهه عبداللطيف جو ننڍپڻ ڪوٽڙيءَ ۾ ئي گذريو ۽ ڪيس تعليم ۽ تربيت اتي ئي ملي. جڏهن پنجن يا ڇهن ورهين جو ٿيو، تڏهن سندس پيءُ کيس آخوند نورمحمد وٽ پاڙهڻ ويهاريو. آخوند نورمحمد ذات جو ڀٽي هو ۽ وائي جو ويٺل هو، جا ڀٽ کان 12 ميل ۽ اڏيري لال کان 4 ميل پري آهي.

جڏهن آخوند الف-ب سيکارڻ شروع ڪيس، ۽ چيائينس ته چئو الف، تڏهن شاهه هڪدم چيو الف. وري جڏهن آخوند چيس ته چئو ب. تڏهن چيائين ب وري ڇا جي، نيٺ گهڻي ردوبدل کان پوءِ، کيس شاهه حبيب وٽ وٺي ويا. جنهن کي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائون. شاهه حبيب، پٽ جي رمز صحيح ڪئي، ۽ چيائين ته ابا تون بيشڪ سچو آهين. پر ظاهري علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي. پوءِ اينتري خبر نه پئجي سگهي آهي ته شاهه صاحب ڪيترو وقت پڙهيو. پر گهڻن عالمن، جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته شاهه عبداللطيف پنهنجي، ان زماني جي لياقت آهر، هر علم ۾ سٺي مهارت حاصل ڪئي، عربي ۽ فارسي جو عالم هو، ۽ پنهنجي مادري ٻولي جو گوهر هو. ان کان سواءِ، بلوچي، سرائڪي، هندي ۽ پنجابي جي سٺي ڄاڻ هيس، هـو هند توڙي سنڌ ۾ مروج ۽ روايتي قصن ۽ ڪهاڻين کان چڱيءَ طرح واقف هو. قرآن ۽ حديث، فقه ۽ فلسفو، تصوف ۽ ويدانيت، صرف ۽ نحو جو به ڳوڙهو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجيس. قرآن شريف، رومي جي مثنوي ۽ شاهه ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراهه هوندا هئا.

انهيءَ ساڳي ڪوٽڙيءَ ۾ ارغون گهراڻي جو هڪ سردار مرزا مغل بيگ رهندو هو. جن جو شاهه حبيب سان مريديءَ جو رستو هو، ۽ منجهس گهڻو اعتماد هئن.

ننڍي هوندي کان ئي شاهه، ماڻهن جي گهڻ کان گوشو ڪندو هو، ۽ اڪيلائي پسند هوندو هو. ڪڏهن ته پور پوندو هوس ته جهنگ منهن ڪري هليو ويندو هو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڀيري، هڪ واري جي دڙي تي ويهندي، ذڪر ۽ خيال ۾ ايڏو غرق ٿي ويو. جو ٽي ڏينهن برابر، اهڙيءَ حالت ۾ رهيو،

جو مٿانئس واريءَ جا ٿهه چڙهي ويا ۽ کيس ڪنهن به ڪو نقصان ڪونه پهتو.

شاهه حبيب گهڻي ئي ڳولا ڪئي پر هٿ نه آيس. ليڪن هڪ ڀيرو جي نظر الهيءَ دڙي وٽان لنگهندي، شاهه صاحب تي پئجي وئي، تنهن اچي ساڻس ڳالهه ڪئي.

شاهه حبيب گهڻي سڪ سان اتي پهتو ۽ ڏنائين ته، شاهه لطيف جو سارو ڌڙ، واري ۾ دٻجي ويو آهي، باقي سندس چادر جي ڪنڊ ٻاهر پئي ڦڙڪي، سو شڪ ۽ گمان جي وچ ۾ پڪاري چيائين:

لڪي لڪي واءُ-ويا انگڙا لتجي،
الهيءَ دردناڪ دانهن تي، شاهه عبداللطيف بيخوديءَ جي حالت ۾ ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ ورندي ڏنائين:

پئي ڪٺي پساهه، پسڻ ڪارڻ
پرين جي.

هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو مائٽن جي موڪل بنا جهنگ منهن ڏئي اٿي هليو ۽ سنياسين سان وڃي گڏيو. جن سان گيتراڻي ملڪ گهميو. لکپت ۽ گرنار تائين به ويو. اتان موٽندي جيسلمير ڏي، گنجو ٽڪر، لسٻيلو، لاهوت لامڪان، ۽ هنگلاج جون زيارتون ڪيائين. ليڪن شاهه اچي لٿي پهتو، جتي شهر جي عالمن ۽ فاضلن سان ملاقات ڪيائين. مخدوم معين الدين ٺٽوي جنهن کي مخدوم ٺارو به ڪري سڏيندا هئا ان سان گهڻي پريت ٿي ويس ايتري قدر جو شاهه جي پٽ وسائڻ بعد به هڪ ٻئي وٽ پيا ايندا ويندا هئا.

شاهه حبيب پٽ جي وڇوڙي ۾ بيحال ٿي پيو. ۽ رات ڏينهن خدا جي درگاهه ۾ پيو عرض ڪندو هو. آخرڪار هالا ۾ مخدوم نوح جي مقبري تي وڃي پيرا ڪيائين. ليڪن ٽن سالن کان پوءِ شاهه عبداللطيف هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو اچي گهر نڪتو. پيءُ پٽ هڪ ٻئي سان وڏي حب وچان مليا. شادمانا ٿي ويا، ۽ ورهين جا وڇوڙا لحظي ۾ لهي ويا. سنت ئي شاهه عبداللطيف جو مرزا مغل بيگ جي نياڻي سان نڪاح ٿيو. شاديءَ کان پوءِ به سمورو وقت، گهر ۾ ڪونه گهاريائين. ۽ پنهنجي سير و سفر ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ سندس سمورو علم بيتن جي صورت ۾ نڪري نروار ٿيو.

سندس روح جون رڳون، قدرت جي رتيءَ جيتري رهاڻ سان به تنبور جي تارن جيئان واڄي ۾ اچي وڄنديون هيون. ان دؤر ۾ شاهه صاحب جا بيت

سنڌس ساٿي ۽ صحبتي ڏاڍي سوز ۽ گداز سان ڳائيندا هئا.

وقت جي حاڪمن، عالمن، بزرگن، شاهه صاحب جي وڌندڙ شهرت کان ڏاڍو خوف کاڌو ۽ کيس ڪئين تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيائون، پر شاهه صاحب، جنهن کي دنيا جي ڪابه حرص ۽ هوس ڪانه هئي. تنهن هالن نون کان چئن ميلن جي پنڌ تي هڪ واريءَ جي دڙي تي پنهنجو نئون آستانو ٺاهيو. جيڪو هاڻي ڀٽ شاهه جي نالي سان مشهور آهي. شاهه صاحب اڃا ڀٽ تي ئي ڪم ۾ مشغول هو ته اوچتو نياپو آيو ته سندس پيءُ بيمار آهي. پاڻ جيستائين شاهه حبيب وٽ پهتو تيستائين، هو وڃي الله وارو ٿيو. ابجد جي حساب ۾ اهو سال 1742ع نڪري ٿو. شاهه حبيب کي ڀٽ تي دفن ڪيائون ۽ سندس تربت شاهه لطيف جي قبي کان اتر طرف اٺن نون وکن تي آهي.

پيءُ جي وفات کان پوءِ، شاهه صاحب ڪوٽڙي مان سڀ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا. ڪتان ڪتان جا ماڻهو ڀٽ تي سندس صحبت لاءِ اچڻ لڳا. چون ٿا ته اٽل ۽ چنچل نالي، دهليءَ جا ٻه مشهور راڳيندڙ به اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا. سارو ڏينهن سرود ۽ سماع لڳو پيو هوندو هو، ۽ شاهه صاحب به پنهنجا ٺاهيل بيت ۽ ڪافيون ڳائيندو هو.

شاهه صاحب کي روح ۾ هئي ته ڪربلا جي زيارت ڪيان. سو ڀٽ تان سهي سنبري نڪتو، وات تي هڪ مريد گڏيس، جو پڻ خدا رسيده شخص هو. شاهه کي ڏسنديئي چيائين ته "سائين! هي ڇا آهي، ماڻهن کي چولدا وتو ته اوهان جو ڪفن دفن ڀٽ تي ٿيندو ـ ۽ هاڻي وري پڇاڙي جي وقت نڪتا آهيو وڏي سفر تي" شاهه جي دل ۾ اهي اکر چڀي ويا، ڪجهه تائين ته بيخودي جي حالت ۾ اچي ويو ـ آخر ارادو رد ڪري موٽي ڀٽ ڏانهن رخ ڪيائين. پهچڻ شرط ڪارا ڪپڙا ڪري ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ سر ڪيڏارو چيائين. چون ٿا ته اهو سندس آخري ڪلام آهي، پورا ايڪيهه ڏينهن اڪيلائيءَ ۾ رهيو ۽ انهيءَ ساري عرصي ۾ پسن ويلن جيتري ماني مس کاڌائين. جڏهن ٻاهر نڪتو تڏهن غسل ڪري چادر اوڍي، مراقبي ۾ ويهي ـ پنهنجي رب سان رهاڻ ۾ مشغول ٿي ويو. فقيرن کي

راڳ جو اشارو ڪيائين. ٽي ڏينهن برابر اهو لقاءُ لڳو پيو هو، چوڌاري ڇپ ڇاپ لڳي پئي هئي. آخر راڳ بند ٿيو، فقير شاهه صاحب جي ويجهو ويا، ڇا ڏسن ته شيءِ ٺهي ئي ڪانه. مقدس روح وڃي خالق حقيقي سان مليو.

سن 1165هجري سن 1752ع جي صفر جي مهيني جي 14 تاريخ هئي جڏهن ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ هن جهان مان رحلت ڪئي. نه ڪا بيماري ٿيس، نه ڪو درد ڏنائين. مراقبي ۾ ويٺي ئي دم ڏنائين.

شاهه صاحب جي تربت مٿان ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هڪ عاليشان قبو اڏايو ۽ ميرن جي دور ۾ مير نور محمد جي سوٽ، ميرمحمدخان قبي کي چانديءَ جو دروازو وجهايو، جو اڃا تائين قائم آهي. اڄ تائين هر سال صفر مهيني جي 14 تاريخ ڀٽ شاهه ۾ هن بزرگ جي ياد ۾ ٽي ڏينهن وڏو شاهي ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ لکين عقيدتمند ۽ زيارتي اچي سلام ڀريندا آهن.

ساري رات سبحان کي، جاڳي جن
ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي.
(شاهه)

[مقدمه لطيفي تان مختصر ٿيل]

---

صوفيءَ صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿئو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.
(شاهه)


جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر فرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرين کي،
(شاهه)

• ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# شاهه لطيف جي شاعري

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي زبان جو عظيم شاعر آهي. سندس شعر جي وڏي خوبي اها آهي، ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. سنڌ جو ڪوبه واهڻ ۽ وستي سندس شعر جي پڙاڏي کان خالي نه آهي. سنڌ جو ننڍو توڙي وڏو، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، عالم توڙي شاگرد سندس شعر جي عظمت جو قائل آهي، ۽ ان مان حظ حاصل ڪري ٿو، نه فقط ايترو، پر شاهه صاحب جو شعر پنهنجي وطن جون حدون اورانگهي، پري پري تائين پهتو آهي ۽ ولائتون واسي ڇڏيون اٿس.

شاهه صاحب جي عظمت ۽ مقبوليت جو سبب اهو آهي، جو سندس شاعري انساني جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ پيغام ڏئي ٿي. شاهه



صاحب جي مشاهدي جي قوت تمام تيز آهي. هو هر شيءِ جي گهرائيءَ ۾ وڃي بهترين نتيجا اسان جي آڏو پيش ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ انساني فطرت جو هر رخ ۽ انساني تجربي جو عڪس نمايان نظر ايندو. شاهه صاحب انساني زندگيءَ تي جيڪي سوچيو ۽ ويچاريو، پرجهيو ۽ پروڙيو، ويچايو ۽ ورتايو آهي اهو ويهي بيان ڪيو اٿس.

شاهه صاحب جي فڪر ۽ پيغام جو بنياد آهي. ”پاڻ سڃاڻ“. هو اسان کي

مٿي هاٿي سان مامرو، اڃي ڪيو اڏن؛
مناڙين هٿن سين، اکين ڪين ڏسن؛
في الحقيقت فيل کي، سچا سڃاڻن.

اهو رستو بلڪل سڌو آهي، ۽ ان ۾ ڪو به ڦند ڦير، ڏنگ ڏاهه، مونجهارو ۽ معاملو آهي ئي ڪونه. منجهيل ماڻهن معاملي کي منجهائي ۽ معمو بنائي ڇڏيو آهي.

”وَرُ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڌو ڪيو.“

...

”ڇا جي ڏنگا ڏير؛ منهنجو ڏيئهن ڏنگو
نه ٿئي.“

شاهه صاحب چوي ٿو، ته ذهني ارتقا ضرور آهي، ۽ ٿئي ٿي. انسان اپوجهه مان سپوجهه ٿئي ٿو، ۽ اڻ سونهي مان سونهون ٿئي ٿو. سندس ڪچي ذهن ۾ پختگي اچي ٿي، ڪا رهنمائي کيس رستو ڏيکاري منزل مقصود تائين پهچائي ٿي، هو چوي ٿو ته محبوب حقيقي جي محبت سان ئي صحيح رستو هٿ اچي ٿو، ۽ عشق حقيقي جا درد تڪليفون ڏک ۽ ڏاکڙا صحيح رستو ڏيکارڻ لاءِ مددگار ۽ معاون ٿين ٿا.

رات ڏينهن روجهه؛ پاڻ کي اوتي آئيا،
پريتڻي، پرينءَ جي، سڪڻ کي سپوجهه،
هٿي گهڻي اپوجهه، سورن سونهائي سسئي.

شاهه صاحب جي نظر ۾ ڪائنات جي سمورين رنگينن ۾ وحدت ئي وحدت آهي. هن انسان کي سمجهايو آهي، ته جو انڌا ٿيا آهيو، جو پاڻ ۾ پيا وڙهو، اوهان ته پاڻ ۾ آهيو ئي هڪ؛ جدائگي ته اوهان ۾ آهي ئي ڪانه. اها اوهان جي جهالت ۽ بي فڪري آهي، جو هڪ ٻئي کي جدا سمجهي پاڻ ۾ پيا وڙهو، ۽ هڪ ٻئي کي نقصان پيا رسايو:

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي
لڳي.

يعني پنهنجو پاڻ کي الڳ سمجهڻ وڏي نادانِي آهي. انهيءَ انفراديت، خود پسندي، ۽ خود پرستيءَ جي تصور ۽ اوچ نيچ، رنگ نسل ۽ ذات پات جا ويڇا پيدا ڪري، انسانيت کي ڀاڱا ڀاڱا ۽ چيهون چيهون ڪري ڇڏيو آهي. بغض، ڪينو، حسد، ساڙ، خود غرضي، تڪبر، تعصب ۽ انسان دشمني انهيءَ تصور جي ئي پيداوار آهن. انهيءَ ڪري معاشري ۾ انتشار آهي، ملڪ ۾ فساد آهي، ۽ هڪ ملڪ ٻي ملڪ جو ۽ هڪ قوم ٻي قوم جي ويري ۽ جاني دشمن بڻجي وئي آهي.

• مولانا غلام محمد گرامي

# رسالي جي شرح ۽ ترجمي جو سوال

[هي مضمون سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي ٻاران ڀٽ ڌڻيءَ جي 226 ورسي (سال 1978ع) جي موقعي تي ڇپايل ڪتاب 'شاهه جو رسالو' (سنڌ جي تاريخ ماخذ) تان ورتل آهي. جيتوڻيڪ هن مضمون جي ٻولي ڏکي ۽ مواد عالمانه آهي، ان هوندي به هن نمبر لاءِ ضروري سمجهي شايع ڪيو پيو وڃي. اسان کي ڄاڻ آهي ته اسان جي سنڌ جا ٻار ذهين ۽ سمجهدار آهن، ان ڪري جيڪڏهن اهي هن مضمون کي وري وري پڙهندا ته نه رڳو سندن معلومات ۾ واڌارو ايندو پر هو اڳتي لاءِ پنهنجي لاءِ سٺي راهه چونڊڻ جا اهل ٿي بنجي سگهندا. -ايڊيٽر]

واديءَ مهراڻ جو سدا حيات شاعر، شاهه لطيف، پنهنجي عظيم ۽ افاديءَ حيثيت سان، بين الاقوامي اهميت ۽ عظمت حاصل ڪري چڪو آهي. شاهه صاحب جو شعور هڪ بابصيرت نقاد، ۽ زندگيءَ جي صالح ۽ صحيح معيارن کي سمجهندڙ شاعر جو شعور آهي. شاهه صاحب پنهنجي واردات ۽ حسيات کي سنڌ جي مشهور قصن ۽ ڪهاڻين جي مجازي ڪردارن ۾ پيش ڪيو آهي -- ۽ 'مجاز' ۽ 'استعارو'، بلاغت جي حيثيت سان، صراحت ۽ سنئين سڌيءَ ڳالهه ڪرڻ کان وڌيڪ بليغ مڃيو ويو آهي. ان حيثيت سان، شاهه جو ڪلام اِستعاري ۽ ڪنايي جو بهترين، معنيٰ خيز شاهڪار آهي.

شاهہ جي ڪلام جي معنوي ۽ صوري ڪمالات جو اعتراف ٽرمپ، سورلي، مائي شميل، ۽ ايلسا قاضيءَ جهڙن مستشرقين دل کولي ڪيو آهي. ٽرمپ اول اول رسالي کي گڏ ڪري ڇپايو، ۽ ان تي علمي رنگ ۾ تمهيد لکي آهي؛ سورلي شاهہ جي ڪجهہ سٽن جو ترجمو بہ ڪيو آهي، ۽ شاهہ جي دور جو سياسي ۽ تاريخي، معاشي ۽ سماجي پس منظر بہ لکيو آهي؛ مائي شميل بہ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ شاهہ جي ڪن سٽن جو جرمن زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي؛ ۽ ايلسا قاضيءَ شاهہ جي بيتن جو انگريزي زبان ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي، ۽ نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو شاهہ جي شعري ۽ معنوي رنگ کي حقيقي روح ۾ نڀايو ويو آهي.

مستشرقين جون اهي ڪاوشون علمي نقطہ نظر سان تعريف جوڳيون آهن؛ پر جيستائين شاهہ جي شرح جو تعلق آهي، افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي، تہ ان ڏس ۾ اسان جو ادبي ذخيرو اڃا بہ تشنہ تڪميل آهي. شاهہ جي تاريخي حالات تي قليچ بيگ جو "شاهہ لطيف جو احوال"، گربخشاڻيءَ جو "مقدمہ لطيفي"، ۽ مولوي وفائي جو "لطف اللطيف" گهڻي ڀاڱي سير حاصل ڪتاب چئي سگهجن ٿا؛ پر شاهہ جي ڪلام جي شرح ۽ خيالات جي تعبير متلق جو ڪجهہ اسان وٽ آهي، اهو ناڪافي سمجهڻ گهرجي.

تقسيم هند کان پوءِ، شاهہ متعلق پڻ شاهہ تي سرڪاري انتظام سان ڪانفرنسون شروع ٿيون. ان نيڪ روايت جو بنياد وجهندڙ سيد ميران محمد شاهہ آهي، جنهن جي اڻٿڪ ڪوششن ۽ مخلصانہ ڪاوشن سان پڻ شاهہ تي روح پرور اجتماع ٿيڻ لڳا. دراصل انهيءَ تحريڪ کان پوءِ ئي سنڌ جي نوجوان عالمن، اديبن ۽ شاعرن شاهہ کي مطالع ڪرڻ بہ شروع ڪيو، ۽ مٿس ڪجهہ لکڻ بہ شروع ڪيو. انهن ڪانفرنسن ۾ جي بہ مقالا ۽ اشعار پڙهيا ويا، اهي وقت بوقت شايع ٿيندا رهيا؛ ازان سواءِ اطلاعات کاتي پاران بہ منتخب مقالن جا مجموعا شايع ٿيندا رهيا آهن. اهي چند ڪتاب آهن، جي 'لطيف' متعلق تقسيم هند کان پوءِ شايع ٿيا آهن. انهن ۾ ڪي علمي ۽ تحقيقي چيزون بہ آهن، پر زياده تر قصيده گوئيءَ ۽ ثناخوانيءَ کان ڪم پئي ورتو ويو آهي؛ فڪري ۽ تنقيدي چيزون گهٽ لکيون ويون آهن.

ان قسم جا جذباتي دور اسان جي ملڪ ۾ پيا بہ گهٽائي آيا ۽ ويا آهن. مثال طور، جڏهن انگريزن شيڪسپيئر کي پنهنجو نمائندو شاعر قرار ڏنو، يونان هومر کي ساراهيو، جرمنيءَ وارن گوئٽي کي پنهنجو ملڪ الشعراءَ چونڊيو، ايرانين فردوسيءَ حافظ رومي ۽ جاميءَ تي فخر ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن، انهن جي ديکا ديکيءَ، اسان وٽ اول اردوءَ وارن 'غالب' کي ميدان تي آندو ۽ ان کي ڏسندي، بنگال وارن قاضي نذرالاسلام کي انقلابي شاعر بنائي، پنهنجيءَ عصبيت ۽ قوميت تي ناز ڪرڻ شروع ڪيو، حالانڪ قاضي نذرالاسلام جو ڪلام، مثنوي حيثيت سان بلند بانگ رڙيون ۽ چيخون ئي آهن. رڙين ۽ للڪارن جو 'انقلاب' سان ڪهڙو واسطو آهي، ان کي اهي قومون ئي سمجهي سگهن ٿيون، جن ڪڏهن انقلاب کي سمجهيو آهي، ۽ جن صالح انقلاب آڻي، قومن جي ضمير ۾ توانائي ۽ زندگي پيدا ڪئي آهي. بنگالين نذرالاسلام کي نہ فقط آفاقي ۽ بي مثال شاعر قرار ڏنو، پر ان کي دنيا جي شاعرن جي صف اول ۾ شمار ڪرڻ شروع ڪيو.

ان کان پوءِ علامہ اقبال جو وارو آيو. تقسيم هند جي ابتدائي اسباب ۽ حالات ۾ علامہ اقبال جي شاعرانہ موشگافين جيڪا مسلمانن ۾ حرڪت ۽ جذباتي توانائي پيدا ڪئي، ان جو انڪار ڪري نٿو سگهجي: پر، اڳتي هلي، اول اهل پنجاب ۽ پوءِ انهن جي تقليد ۾ هند-پاڪ جي مسلمانن، علامہ اقبال کي 'شاعر اقبال' ۽ 'شاعر مشرق' بنائي مٿس ايترا مقالا ۽ ڪتاب لکيا، جن جو انداز هزارن کان مٿي، لکن تائين پهچي ويو آهي. ان ايتري علمي ڪاوش ۾ زياده تر تحريرون جذبات انگيز، عصبيت جون ترجمان، سطحي، ۽ ترجيحي رنگ واريون آهن. اقبال کي دنيا جي عظيم شاعرن جي صف ۾ تہ آندو ويو، پر ڪيس دنياي شاعريءَ جو خاتم قرار ڏيئي، باقي پوري عالم انسانيت جي شعراءَ کي هيٺ ڪيو ويو. 'اقباليات' جي عميق ۽ ناقدانہ مطالعي کان پوءِ، اسان جو اهو رايو آهي تہ هڪ يا ٻن ڪتابن ۽ ٻن-چئن مقالن کان سواءِ، باقي سارو مواد سطحي، تقليدي، جذباتي ۽ ترجيحي آهي.

دراصل، غالب هجي يا نذرالاسلام، اقبال هجي يا شيڪسپيئر، رومي هجي يا جامي، ٻنهنجيءَ جاءِ تي سڀ وڏيءَ عزت جا لائق آهن، پر افسوس آهي انهن جي پيش ڪندڙ مداحن ۽ شارحن تي، جن انتهاپسنديءَ کان ڪم ورتي، غير علمي فيصلا به ڏنا آهن، ۽ انساني فڪر لاءِ جمود آور حدون به قائم ڪيون آهن.

اگر گستاخي معاف ڪئي وڃي ته ٻوءِ ائين چوڻ کان رهي نٿو سگهجي ته اسان جا سنڌي اديب ۽ شاعر به ان قسم جي عصبي ۽ ترجيحي، جذباتي ۽ تفريحي، غلط روش کان بچي نه سگهيا آهن. اسان جا 'لطيف' تي لکيل ڪتابچا، مقالا ۽ شاعراڻا قصيدا، ان حقيقت لاءِ مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

'شاهه' تي، گربخشاڻيءَ کان سواءِ، شرح جي باب ۾ ڪا به علمي ڪاوش پيدا نه ڪئي ويئي آهي - پر اها به زياده تر لغوي ۽ لفظي موشگافين تائين محدود آهي. شاهه جو اهو تاويل ۽ تعبير، جو زندگيءَ جي صحتمند قدرن کي اجاري ۽ سنواري، سو اڃ به ناپيد آهي.

شاهه جي متن متعلق گهڻو ڪجهه ڪم ٿيو آهي. اسان وٽ متعدد نسخا موجود آهن. سڀ کان پويون نسخو علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب ترتيب ڏنو آهي، جو تحقيق ۽ ڪاوش جي لحاظ کان گهڻو بلند آهي. ان کي هن ڏس ۾ حرف آخر سمجهڻ گهرجي، ۽ ان تي قناعت ڪرڻ گهرجي. (ان کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو آهي، جيڪو هن صديءَ جو آخري نسخو سمجهڻ گهرجي - ايڊيٽر) باقي رهيو شاهه جي مڪمل شرح جو سوال، سو ته اڃا تائين موجود آهي. سنڌ جي اهل نظر ۽ صاحبِ شعور اديبن لاءِ شاهه اڃا شرح جو محتاج آهي. شاهه جي مڪمل شرح جو ذميدارانه حل اڃا تائين ڪنهن به زير بحث نه آيو آهي.

اسان وٽ اڄ نه ڪو قليچ بيگ آهي، ۽ نه گربخشاڻي؛ نه ڀيرومل، نه فتح محمد سيوهاڻي؛ ۽ انهن جو سانڍياري، ڊاڪٽر دائود پوٽو، به پنهنجو ڪم اڌوري نموني ۾ ڇڏي ويو آهي، سو به، جيتريقدر معلوم ٿي سگهيو آهي، محض متن متعلق ئي آهي. شرح کي ان مرحوم بزرگ به هٿ ڪونه لاتو آهي. وري ڪو قليچ ۽ گربخشاڻي

ڊاڪٽر صاحب، اطلاقي تصوف ۽ نوفلاطونيت کي ويدانت جي آميزش سان مرصع ۽ رنگين ڪري، شاهه جي صحتمند ۽ صالح فڪر تي ملمع چاڙهيو آهي. ويدانت جڏهن ته اصول ۽ فروع جي لحاظ سان اشراقي ۽ اطلاقي تصوف سان هم‌رنگ ۽ هم‌آهنگ آهي، ۽ گربخشاڻي صاحب ذاتي طور فلسفه ويدانت ۽ فڪر عجم يا اشراقي تصوف جو قائل هو، تنهنڪري شاهه جي چند ويدانت آميز بيتن کي اصل الاصول قرار ڏيئي، سندس پورو تاويل ۽ تعبير اطلاقي ۽ اشراقي رنگ ۾ ڪري ويهي مٿي چڙهيو آهي- حالانڪ شاهه ۾ اشراقيت ۽ اطلاقيت، نوفلاطونيت ۽ ويدانت جو ايترو حصو نه آهي جو سندس پوري ڪلام تي انهن کي حاوي سمجهي، کيس اشراقي ۽ اطلاقي صوفي ۽ ويدانتي قرار ڏجي. افسوس هي آهي ته اسان جا پيا هندو ودوان ۽ شاهه جا شارح به فقط ويدانتي اصولن موجب شاهه تي ڪتابچا لکي ويا آهن. عالم ۽ فاضل ان حقيقت کي خوب ڄاڻن ٿا، هت ان جي تفصيلي جائزي جي گنجائش نٿي سمجهجي — ڪمالايخفيٰ.

هن دور ۾ شاهه جي خدمت جو بس اهو هڪڙوئي طريقو آهي ته مڪمل شرح تيار ڪئي وڃي؛ باقي جلسا ۽ جلوس، ڪانفرنسون ۽ نمائشون، ثانوي حيثيت رکن ٿيون، جي نڪي آهن فرض نڪي واجب.

ان کان پوءِ مسئلو آهي ترجمي جو. جيستائين علمي ۽ فني اصولن جو سوال آهي، ترجمي متعلق 'ڪارلائل' جا اهي لفظ اڄ به مشعل راهه ٿي سگهن ٿا، جن ۾ چيو اٿس ته 'ڪي ڪتاب اهڙا آهن، جي فقط اصل وارين زبانن ۾ ئي مطالع ڪري سگهجن ٿا، جن جو ترجمو ڪرڻ ۽ ان کي نباهڻ محال نه ته مشڪل ضرور آهي- اهي آهن ويد، توريت، انجيل، ۽ قرآن، ڪارلائل جي انهيءَ ارشاد کي اڃا به هن طرح مڪمل ڪري سگهجي ٿو: 'ويد، توريت، انجيل، قرآن،—— ۽ شاهه جو رسالو'. اها حقيقت آهي، پر آهي تلخ، ته اسان جي علائقائي ٻولين—— بنگالي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ ۾ ته نه پر خود اردو، فارسي، انگريزي ۽ عربي زبانن ۾ به شاهه کي ترجمو ڪرڻ نهايت مشڪل ڪم آهي. سنڌي ٻوليءَ جي جزالت، پختگي، شيريني، نماڻائي ۽ سڀاجهائي، ترنم ۽ موسيقيت ته اڳ ئي مسلم آهي، پر 'شاهه' جي فن ۾ ته اها زبان 'دو آتشه' ٿي ڪم آئي آهي، جنهن

جو منظوم ترجمو ڪرڻ نهايت غير ذميدارانه قدم ٿيندو. مناسب ائين آهي ته شاهه جي ترجمي ڪان قطع نظر، سنڌي زبان ۽ ادب جي تحصيل جا اسباب پيدا ڪيا وڃن ۽ دنيا جي طالبن کي سنڌي پڙهائجي، ۽ ان ڪان پوءِ شاهه جي شاعريءَ سان تعلق رکندڙ علوم عاليه ۾ تحصيل ڪرائي، ڪين 'شاهه جو رسالو' ڏجي. "سسئي ۽ سور ويا پنيندا پاڻ ۾" -- پاڻيهي پيا سمجهندا ۽ شرحون ڪندا. ناقص صورتن ۾ شاهه جي ترجمي ڪرڻ جي بدعت ڪان بچڻ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ علمي خدمت ٿيندي. اردوءَ ۾ پڻ جيڪي ڪجهه ترجمي جا نمونا هٿ اچي سگهيا آهن يا مجلسن ۾ پڙهيا وڃن ٿا، تن مان ڪن غير سنڌين جا مضحڪه خيز حد تائين ناقص آهن؛ جن کي پڙهڻ ڪان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته 'ڪاڏي ٿيو ڪوهيار، ڪاڏي ٿي هنڌڙا ڪٽي!' ڪٿي رهيو 'شاهه'، ۽ ڪٿي رهيو ناقص ۽ ٿڪو ۽ ڪُسڄو ترجمو! 'چه نسبت خاڪ را با عالم پاڪ!' خود 'سورلي' جي انگريزي منظوم ترجمي کي به عالمن ۽ ماهرن پسند نه ڪيو آهي، ڏاهم اسان جي چند انفرادي ڪوششن ۾ به چار اردو ترجما به ملي سگهن ٿا، جن مان ڪي ٿورا، ڪنهن حد تائين آزاد ترجمو چئي سگهجن ٿا. ان ڏس ۾ رفيق خاور، شيخ اياز، آغا تاج محمد، حفيظ هوشيار پوري، ابن انشا، لطف الله بدوي، رشيد لاشاري، رئيس امرو هوي، وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي ڪاوشون اڃا ابتدائي ۽ تجرباتي ئي آهن، اڃا گهڻيءَ ڇنڊڇاڻ، رياض ۽ مشق، محنت ۽ مشقت جي ضرورت آهي. شاهه جي شاعرانه هيئت کي آزاد نظم ۾ گيتن ۾، غزلن ۽ مثنوين ۾ پيش ڪرڻ ته نهايت غلط قدم آهي، البته هندي شاعريءَ وارن دوهرن ۾ پيش ڪرڻ کي نظرانداز سو نٿا ڪري سگهون، پر افسوس جو ان طرف توجه آهي ئي ڪونه! سهل پسنديءَ جي ڪري شاهه جي شاعرانه هيئت کي اهڙا قالب ۽ اسلوب پهرايا وڃن ٿا، جن کي نه ذوق جمال پسند ٿو ڪري، ۽ نڪا طبع سليم ئي گوارا ڪري ٿي. ڪاش، اسان جا اديب، عالم ۽ فنڪار ان طرف توجهه فرمائين، ۽ سنڌي ادب جي عظيم ورثي کي هرو ڀرو بازاري شهرت نه ڏين، نه ان کي معاشي ذريعو بنائين، ۽ نه وري ان کي ادبي نيڪناميءَ جو آسان طريقو سمجهن. رڳي ترجمي جي نه، پر شاهه جي مطالب ۽ خيالات،

افڪار ۽ جذبات جي ترجمانيءَ ۽ اشاعت جي ضرورت آهي. ظاهر آهي ته اها ضرورت فقط نثر پوري ڪري سگهي ٿو، ۽ نه نظم. نظم جي محدود صنف 'شاهه' جي ترجمانيءَ لاءِ ناڪافي آهي. ان لاءِ نثر جهڙي وسيع صنف گهرجي- پوءِ ڀلي انگريزي، اردو، فارسي، عربي، بنگالي، پنجابي، پشتو، هندي ۽ چينيءَ ۾ لکيو وڃي.

اسان جا اهل نظر عالم، اهل بصيرت ۽ پيشرو اگر هن ناچيز گذارش تي غور ڪري، شاهه متعلق شرح جو ڪم هٿ ۾ کڻندا، ته پوءِ يقين آهي ته اها خدمت نه فقط شاهه جي خدمت يا سنڌي ادب جي خدمت چئبي، پر اها خدمت عالمي ۽ آفاقي خدمت سڏبي. هن ائٽمي دور جي فڪري ۽ نظري اضطراب ۽ التهاب لاءِ اگر شاهه جي شعور ۾ زندگي بخش ۽ صحتمند قدر آهن، ته پوءِ انهن کي پيش ڪندڙ شارحن جي خدمت نه علائقائي سمجهڻ گهرجي نه سنڌي، نه پاڪستاني نه اسلامي، پر آفاقي ۽ عالمي، پوريءَ انسانذات لاءِ: اها خدمت هوندي 'امن ۽ ايمان' جو سرمدي پيغام!

"مـن ڪـا منهنجي آه،
ڪوهياري جي ڪَنَ پوي!"


---

عـاشـق عزازيل، پئا مـڙئي سڌڙيا،
منجهان سـڪ سبيل، لعنتي لال ٿئو.
(شـاهه)

پـڙهـو پڙهيجاهه، سبق انهم سورجو
ميم رکجاه من ۾، الفت تنهن اڳيان
چـتـا چوريجاهه، اها لات لطيف چئي
(شـاهه)

• معمور يوسفاڻي

# بيت، وائي ۽ سر



اسين جيڪڏهن سنڌ جي عظيم شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو رسالو کڻي، پڙهنداسون ۽ سندس ڪلام جو جائزو وٺنداسون ته اهو اسان کي ڪيترن ئي 'سرن' ۾ ساڻهون ايندو ۽ هر 'سر' ۾ ڪيترين ئي 'وايون' ۽ بيت ڏسڻ ۾ ايندا. تنهن لاءِ اچو ته انهن جي اصليت کي ڇرو ڇڙيون.

**بيت:-** عربن جي شاعري ۾ ٻن مصرعن يعني ٻن سٽن واري شعر کي 'بيت' چئبو آهي.

جيئن:

رَضِينا قِسمَةَ الجَبار فِي نا
لَنا عِلمٌ وَالجُهال مالٌ

هئي، اها ٻه ٻن سٽن واري هئي.
جيئن:-

عربن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته ان وقت سنڌ ۾ جيڪا شاعري هلندڙ

سيارا وسڪارا ٿيندا،
چلي ويندا چيت.

ڪٿيون ڪر موٽينديون،
هاري ڪيٽيندا ڪيٽ.

۽ سنڌ ۾ انهن ٻن سٽن واريءَ شاعريءَ کي ”ڏوهو“ ڪوٺيو ٿي، جو تہ ’ڏويءَ‘ جي معنيٰ آهي ’ٻہ‘ ۽ ’هو‘ جي معنيٰ آهي ’ٻہ‘ ۽ هو جي معنيٰ آهي وارو- يعني ’ٻن سٽن وارو‘ ۽ عربن انهيءَ ٻن سٽن واري شعر کي، ’بيت‘ جهڙو ڏسي بيت چوڻ شروع ڪيو. ۽ سنڌي جيڪي عربن جي رعيت هئا، اهي بہ عربن جو نقل ڪندي، ان کي بيت سڏڻ لڳا.

اهڙي طرح اڳتي هلي جڏهن اهو ’ڏوهو‘ يعني ٻن سٽن وارو بيت، سٽن جي واڌاري سبب، عربن جي بيت واري نموني کان ڦري ويو تہ بہ اهو بيت سڏبو رهيو، ۽ اڄ ٽائين بيت سڏجي ٿيو، جنهن جون ڪيتريون ئي شڪليون آهن. ۽ شاهہ عبداللطف رحہ جي رسالي ۾ بيتن جا سڀئي نمونا موجود آهن.

**وائي:-** ’وائي‘ بہ ’ڏوهي‘ يا ’بيت‘ وانگر نج سنڌي شاعري آهي، جنهن جا باني ميون شاهہ عنات رضوي رحہ ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ آهن، جن ’بيت‘ جي هڪ شڪل کي، ’ڳيچ‘ يا ’ڳيت‘ جي ڍار سان ڳائي ان جو نالو رکيو ’وائي‘.

ــ گل ڦل


شاهہ جي رسالي جي سڀني سرن جي داستانن ۾، بيتن جي پويان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ وايون ڏنل آهن. جن کي ’ڀٽ ڌڻي‘ جا فقير، راڳ- ڳائڻ وقت بيتن کان پوءِ خاص ڍنگ سان ڳائيندا آهن. جن ۾ الو ميان، ’اُو اُو، وو وو ۽ هُو هُو ۽ هُو هو‘ جا آواز اهڙي تہ جهيل جهانءَ سان چوندا آهن، جو اُهي تنبور جي تارن سان ملي هڪ فطري نغمو ٿي پوندا آهن، جنهن کي غور سان ٻڌڻ بعد، ٻڌڻ وارو پنهنجي پاڻ کي بہ وساري ويهندو آهي.

**سر:** سر جي معنيٰ آهي راڳ، يا موسيقي. ۽ شاهہ جو سمورو ڪلام پنجيهن سرن تي ٻڌل آهي. ۽ هر سر ۾ مضمون جي لحاظ کان ڪيترا ننڍا ننڍا ڀاڱا آهن جن کي داستان چئبو آهي. ۽ هر داستان ۾ ٿورا يا گهڻا بيت آهن. جن جي آخر ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ وايون ڏنل آهن.

شاهہ صاحب جي انهن سڀني سرن جا نالا راڳ، جي لحاظ کان رکيل آهن. ڇو تہ شاهہ صاحب جي ڪچهريءَ ۾ هر سر جو ڪلام (بيت، وايون) سندس نالي واري راڳ يا راڳڻي ۾ ڳايو ويندو

• انور هالائي

# شاهه جون ڪهاڻيون




شاهه جي رسالي ۾ جيڪي ڪهاڻيون بيان ڪيل آهن، اهي سڀ لوڪ ڪهاڻيون آهن، جيڪي شاهه جي حياتيءَ کان به گهڻو اڳي مشهور هيون. شاهه صاحب پنهنجي بيتن ۾ انهن لوڪ ڪهاڻين جو مثال وٺي، ماڻهن کي سبق ۽ نصيحتون ڏنيون آهن.

اهو ضروري آهي ته اسان جا ٻار به انهن لوڪ ڪهاڻين جي اصل متن مان پوريءَ طرح واقف هجن. ان ڪري هن مضمون ۾ انهن مشهور ڪهاڻين جو مختصر متن ان لاءِ پيش ڪجي ٿو ته جيئن ٻار لوڪ ڪهاڻين جي روشنيءَ ۾ شاهه جا بيت ڀليءَ ڀت پروڙي ۽ سمجهي سگهن.

## سهڻي ميهار

جن ڏينهن، هندوستان تي مغلن جي حڪومت هئي، انهن ڏينهن ۾ ترڪستان جي شهر بخارا جو هڪ نوجوان امير عزت بيگ جدا جدا ملڪن جو سير سفر ڪندو اچي لاهور پهتو. انهن ڏينهن شهر گجرات ۾ تلا نالي هڪ ڪنڀر رهندو هو جيڪو پنهنجي فن ۽ ڪاريگريءَ ڪري نهايت مشهور هو.



سندس جڙيل ٿانءَ ڏورانهين شهرن ۾ وڪري لاءِ ويندا هوا. امير عزت بيگ به گهمندي ڦرندي جڏهين اچي گجرات پهتو ته تلا ڪاريگر جي ڪاريگري ڏسڻ جي خواهش ڪيائين. نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته ان ڪنڀر جا ٿانءَ خريد ڪري اچو. نوڪر ٿانءَ ته خريد ڪري آيا پر ڪنڀر جي دوڪان تي وينل سندس سدا ملوڪ ڌيءُ جي ڏاڍي ساراهه ڪيائون. عزت بيگ ان ساراهه تي هرڪجي، ان ملوڪ زاديءَ جو منهن ڏسڻ لاءِ پاڻ ڪنڀر جي دوڪان تان ٿانءَ خريد ڪرڻ ويو. ڪنڀر جي ڌيءُ جنهن جو نالو سهڻي هو نه رڳو شڪل جي سهڻي هئي پر ڳالهائڻ جي به ڏاڍي مٺي ۽ ٻاجهاري هئي. ان ڪري عزت بيگ سهڻيءَ جي سونهن تي موهت ٿي پيو ۽ ڏهاڙي ان ڪنڀر جي دوڪان تان ٿانءَ خريد ڪندو هو. انهن ٿانون جي نيڪال لاءِ هڪڙو جدا دوڪان کوليائين ۽ مال تڪڙو تڪڙو نيڪال ڪرڻ لاءِ ٿانءَ سستي اگهه وڪڻڻ لڳو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو تلا ڪنڀر ته سکيو ٿي ويو پر عزت بيگ کني خالي ٿي ويو. نوڪرن کيس گهڻو ئي سمجهايو پر هو قرض تي به ٿانءَ کڻي، سهڻيءَ سان ملاقات جو وسيلو ڳوليندو رهيو. نيٺ نوڪر کيس ڇڏي سندس الهه تلهه کڻي ملڪ پهچي ويا. عزت بيگ، تلا ڪنڀر کي اچي سارو احوال ٻڌايو جنهن مٿس رحم کائي، پاڻ وٽ نوڪر رکيو ۽ ڪانئس ڇيڪي مٿي پوارائيندو هو. پر اهو سخت ڪم عزت بيگ جهڙو نازڪ بدن

چيو ”تون جو هيڏو هار سينگار پهري ڪرين سو چنيسر کي موهڻ جو ارادو آهي ڇا؟“ ڪؤنروءَ، چنيسر بابت اڳيئي گهڻو ڪجهه ٻڌو هو. سو هن طعني ته هيڪاري ڪيس ساڙي وڌو ۽ هن فيصلو ڪيو ته چنيسر کي ضرور حاصل ڪنديس. ڪؤنرو جي ان فيصلي جي خبر سندس ماءُ ميءَ کي پيئي ته هنن ان ڳالهه کي عزت ڀريو سمجهيو. پر اصل ڳالهه اها هئي ته چنيسر، سندس زال ليلا جي محبت ۾ ايترو گرفتار هو جو ڪئين مائٽيون وٽس آيون هيون پر هن ڪنهن جي به ڳالهه نه ٻڌي. ڪؤنرو ۽ سندس ماءُ، وڻجارڪو ويس ڪري، ديول بندر ڏانهن روانيون ٿيون ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان چنيسر کي ميڙائين. ان مقصد لاءِ هنن چنيسر جي وزير جکري جو سهارو ورتو ان کي نه رڳو تحفي ۾ موتي ۽ مال ڪ ڏنائون پر پنهنجي دل جو مقصد پڻ ٻڌايائون. جکري ٻنهي کي سٺو دلاسو ڏنو.



ٻي ڏينهن جکري وڃي، وڃي چنيسر سان ڪؤنروءَ جي لاثاني حسن ۽ دل جي لاڙي جو احوال ڪيو، جنهن تي چنيسر جو هنيو هرکيو پر ليلا جون اکيون آڏو آيون ان ڪري ڪؤنرو سان ناتي رکڻ لاءِ نابري واريائين.

جڏهين جکري هي نا اميديءَ جو نياپو ٻنهي کي ڏنو ته هو ڏاڍيون مايوس ٿيون. پر ڪؤنرو جي ماءُ هڪ انڪل ويڙهائي، راڻي ليلا وٽ ٻانهپ وڃي حاصل ڪئي.

وقت گذرندو رهيو پر مقصد حاصل ڪرڻ جو وجهه نه لڳو. انهيءَ غم ۽ مايوسيءَ ۾ هڪ ڏينهن ڪؤنرو ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي ته اوچتو ليلا اچي لنگهي. هن ڪائنس هن راجائي محل ۾ ان

غم ۽ ڏک جو سبب ٻڌيو. ڪؤنرو چيو ”گذريل وقت ياد آيو اٿم، جڏهن آئون به تو وانگر هندورن ۾ لڏندي هيس ۽ نو لکو هار پائيندي هيس ته اونداهيءَ مان سوجهرو ٿي ويندو هو.“ ليلا کي هڪ خسيس نوڪرياڻيءَ وٽ نو لکي هار جو اعتبار نه آيو سو چيائينس ته ڏيکار. ڪؤنرو اهو نو لکو هار ڪڍي ڏيکاريو. ليلا هار ڏسي هرکجي پئي ۽ چيائينس ته ”ان هار جي بدلي ۾ جيڪي ڪهڻي سو گهر.“ ڪؤنرو چيس ”چنيسر سان هڪ رات رهاڻ جي عيوض هار حوالي ڪنديس.“ ليلا سوچيو ته چنيسر آهي ته منهنجو، پر جي هڪ رات ڪونرو وٽ رکيو ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. سو هار وٺي کيس دلاسو ڏنائين ته ”اڄ رات توکي آئون پاڻهي چنيسر وٽ پهچائينديس.“

ان رات، راجا چنيسر محفل ۾ گهڻو شراب پي بدمست ٿي محلات ۾ آيو. ليلا کيس نشي ۾ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. پرهاڻي پائي ڪؤنرو سان محبت ولبڻ لاءِ چيائينس. چنيسر جيتوڻيڪ هوش ۾ نه هو ته به غيرت آيس ۽ پڙ ڪڍي بيٺو. نيٺ ليلا چنيسر کي هرڪائي، ڪؤنرو جي ڪمري ۾ ڪاهي ويس. پانهڻ کي ڪؤنرو اڳيئي گهرائي وهاريو هو سو ننهه ٻهه ويڏي پڙهجي ويئي ۽ ڪؤنرو جي آس پوري ٿي ويئي. پوئين رات جو جڏهن چنيسر جي اک، کلي ته ڏٺائين ته ڪؤنروءَ جي پاسي ۾ پيو آهيان. احوال پڇڻ تي ڪؤنرو ٻڌايس ”رات، ليلا توکي هار تي وڪڻي ڇڏيو ۽ مون تو سان لائون لڌيون آهن. هاڻي تون منهنجو مڙس آهين ۽ آئون تنهنجي داسي“. هن ڳالهه ٻڌڻ شرط کيس ليلا کان نفرت ۽ ڪؤنرو سان محبت پيدا ٿي ويئي.

جڏهن ليلا کي خبر پيئي ته پاڻهي پاڻ سان ڪيڏو ويل وهايو اٿم سو ڏاڍي ششدر ٿي. گهڻيئي ايلاز منٿون ڪيائين پر چنيسر هڪ به نه ٻڌي. چوندا آهن ته ’هٺ جي وڏئي جو نڪو ويڄ نڪو طبيب‘. نيٺ آسرو پلي مائٽاڻي ملڪ هلي ويئي. اڃا به آسرو هوس ته چنيسر کيس وري گهرائيندو پر ورهه گذري ويا چنيسر وٽان ڪو اوني به نه آيو.

جکري وزير جو مڱڻو ليلا جي مائٽن سان ٿيل هو. تن ليلا جو هي حال ڏسي جکري کي سڏ، ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جکرو ليلا وٽ ويو هن

جنهن جي چئن ئي پاسن کان تکا ڪِلا هئا، هرهڪ ڪلي ۾ رسو ٻڌل هو. ڪجهه جيترا همراه ساڻ ڪري آهو ڪل سامان ڪٽي هو ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن ويو.

موڙو ٻيڙي ۾ ٽي وينو ۽ همراهن کي چيائين ته هاڻي ٻيڙو ڪُن ۾ ڪيرايو، جڏهن رسا لڏندا ڏسو تڏهن ڇڪي ٻاهر ڪيجو. ٻيڙي کي مانگرمڇ ڳڙڪائي ويو ۽ ڪِلن هنڌان هنڌان وڃي وڏس، موڙي وٺي رسا لوڏيا ۽ مهاڻن وٺي ڇڪيو. سڪيءَ تي ٻهچڻ سان مهاڻن مانگرمڇ ماري موڙي کي ٻيڙي مان صحيح سلامت ٻاهر ڪڍيو. موڙي، مڇ جو ٻيٽ چيري پائرن جا لاشا ڪڍي ڪراچيءَ جي اتر اولهه طرف جبل جي ٻاڙ وٽ دفن ڪيا ۽ ٻاڻ مقام جو مجاور ٿي وينو.

ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نيئي،
خبر ڪونه ڏئي، ته رَڃ ڪهاڙي رنڍيا.
(شاهه)

---

ساوڻ گهڙي سيڪا، هي سرهي سياري،
تن وڏائين تار ۾، ارواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونهي داد درياهه ۾.
(شاهه)

اديون آئون آ چاڻ، مون سگا سڃاڻي نه ڪيو،
هند نه سنبر هيٺري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءَ جي رهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين.
(شاهه)

• علي اڪبر ابڙو

# شاهه جي رسالي جا نسخا



شاهه ڀٽائي جا اهي رسالا، جن ۾ بيت، وايون ۽ ڪافيون اڪيل آهن. انهن جي هر هڪ مجموعي کي نسخو سڏجي ٿو. ٻه ء چاهي اهي ڇپيل هجن يا قلمي. انهن کي سنڌ ۾ شهر ڀنڊ ۾ جي ٽالي وارو نسخو ئي سڏبو آهي. مثال طور علامه آء. آء. قاضي جو ڇپيل نسخو يا حاجي هدايت الله هالائي وارو قلمي نسخو.

اڄ تائين جيڪي قلمي خواه ڇاپي نسخا ظاهر ٿيا آهن، انهن جو ڪل تعداد 53 آهي جن مان 31 قلمي نسخا آهن ۽ 22 ڇاپي نسخا.

## قلمي نسخا

1- ميين اسماعيل جو گڏ ڪرايل رسالو جنهن کي "گنج" سڏين ٿا، جيڪو ڀٽ شاهه تي رکيل آهي. 2- قاضي موسيٰ وارو نسخو. 3- درگاهه منصوره وارو نسخو. 4- برٽش ميوزم لنڊن وارو نسخو. 5- انڊيا آفيس لنڊن وارو نسخو. 6- 1279هه ۾ لکيل ڪڇ وارو نسخو. 7- اڻ پورو نسخو پهريون. 8- اڻ پورو نسخو ٻيو. 9- سيد ابراهيم شاهه وارو نسخو. 10- دلدار فقير وارو نسخو. 11- مير غوث محمد شاهه وارو نسخو. 12- هدايت الله هالائي وارو نسخو. 13- مير امام بخش جو لکايل نسخو. 14- مائي ملي نعمت جو لکيل نسخو. 15- آخوند محمد شفيع جو نسخو. 16- اميد علي نظاماڻيءَ جو لکيل نسخو. 17- عبدالحميد جو لکيل نسخو. 18- عبدالخالق هالائي جو لکيل نسخو. 19- ميين احمد پٽائي جو لکيل نسخو پهريون. 20- ميين احمد پٽائي جو لکيل نسخو ٻيو 21- ميين احمد پٽائي جو لکيل نسخو ٽيون. 22- ميين محمد ۽ ميين حسين جو لکيل نسخو. 23- ميين احمد پٽائي جو لکيل نسخو چوٿون. 24- ليڪ محمد جو لکيل نسخو. 25- مير عبدالحسين سانگي جو لکايل نسخو. 26- جمعي فقير جو لکايل نسخو. 27- اسماعيل بن محمد رنگريز جو لکيل نسخو. 28- تاج محمد نظاماڻيءَ جو لکيل نسخو. 29- ولي محمد شاهه وارو نسخو. 30- ميهار فقير جو لکايل نسخو. 31- منهل فقير جوڻي جو لکايل نسخو.

## ڇاپي نسخا

1- ارنسٽ ٽرمپ (1866ع) 2- قاضي ابراهيم وارو بمبئي ڇاپو (١٢٨٣هه-1867ع). 3- بمبئي وارو ڇاپو (٩٣-١٢٩٢هه-77-1876ع) 4- بمبئي وارو ڇاپو. (١٣٠٣هه-1886ع). 5- بمبئي وارو ڇاپو (١٣٠٦هه-1889ع) 6- بمبئي وارو ڇاپو (١٣١٠هه-1893ع) 7- بمبئي وارو ڇاپو ١١٣٧هه-1899ع)

8- بمبئي وارو ڇاپو (١٣٢٩ھ-1911ع) 9- بمبئي وارو ڇاپو (١٣٤٠ھ- 1921ع) 10- تاراچند شوقيرام وارو سرڪاري ڇاپو (1900ع) 11- مرزا قليچ بيگ جو ترتيب ڏنل (1913 ۽ 1955ع) 12- ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ وارو ڇاپو ٽن جلدن ۾ (32-1931ع). 13- عبدالله سومري جو ڇاپو (١٣٥٠ھ -1931ع). 14- غلام محمد شاهواڻي جو ترتيب ڏنل ڇاپو (1950ع). 15- محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ترتيب ڏنل اصلي وڏو رسالو (1951). 16- خانبهادر محمد صديق وارو (بمبئي ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن). 17- مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي وارو (52-1953). 18- پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي وارو (بمبئي -1958ع). 19- علامه آءِ. آءِ. قاضي وارو (1960ع). 20- محمد عثمان ڏيپلائي جو پاڪيٽ سائيز رسالو (1963ع). ا٢- برٽش ميوزيم واري نسخي جو ڇاپو، تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (1869). 22- شاھ جو رسالو، ١٢٦٩ھ ۽ ١٢٧٠ھ ۾ لکيل ٽن قلمي رسالن کي ڀيٽي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ترتيب ڏنو (1972ع).

---

وئا جي عميق ڏي، منهن ڪانئو ڏيئي،
ٽن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتارا پيهي.
پسندا سيئي، امل اکڙين سين.
(شاھ)

گُجر کي گجميل جيون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمين کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جيون.
(شاھ)

سرود سسئي

بسم الله الرحمن الرحيم

بيت وَڏِي ٿِي وَاءِ ڪَرِي ڪُنَرِ ڪُوڪَلو

هُنَ پَنَّ پَاهِجَا سَاڏِ ڏَاهُوءِ هُنجَ هَڏَ پَهَ لِيَ هَارِيَه

بيت جَا سَامَلِي سَسُئِيءَ تو پَيرُ ڦَرِ بُجُو ڪُو

لَايِ لَنگهه لطيف چيِ تِي بِيَكَارِ پاڻي بو تُو وِيڙه

ٻوڀي وَرِ اَکِيَا هُوتَ حضور مِ بيت ڪوچُ

وَڏِيَ وَڏِجِنِ وَرِ وَڏِ ٿَاءِ وَڏِينَ ڏُکَ ڏِکِيڪِي

ڏُڏِجِنِ ڏِيَنِ مِهِي ڏُکَ کِتَاسَابِتِ ڏُکِي سَنڌي ڏنگ

پٽ شاهه تي رکيل شاهه جي قلمي رسالي ”گنج“ جو پهريون ورق

بيان سنڌي تصنيف زبدة الواصلين شاه عبداللطيف
رحمة الله عليه اول

سرود بسم الله الرحمن الرحيم سسئي

بيت پڙهو پنهنجو جر جن جالا ڏي

آئي نه آري کي نو پنهنجو راه رُڪ مان ڪن

بيت پڙهو پنهنجو لڪ جاني لي اس

فرنياني ڪش آهي گر پڪر ري

بيت پڙهو پنهنجو رڪياني راحت

پارينا ڏيه پوار ه ساجن ڪي صحبت

مٿي مصيبت آهي آري ڄام جي

برٽش ميوزم لنڊن واري قلمي نسخي جو پهريون صفحو

# شَاهَہ جو رِسَالو

يَعْنِي

## دِيوَانُ عَبّدُ ٱلَّطِيفَ شَاهَہ بِهِٽَائِيَ جو

لِپْسِيَا شَهَرَ مَنجهِ ڇهَاپِيَلُ آهي

آرنسٽ ٽرمپ جي 1866ع واري ڇاپي جو سرورق

وَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ

الحمد لله رب العالمين ته هي ڪتاب لاجواب تصنيف حضرت زبدة العارفين
قدوة السالڪين جناب سيد شاه عبداللطيف ڀٽائي جو ڇپيو آهي

# رسالو حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو قدس سره

خوشان اهتمام سان هيءُ بندهٔ درگاهه رحيم جناب قاضي
عبدالڪريم بن قاضي نور محمد صاحب مرحوم ڇپائي پهچايو

مطبع ڪريمي واقع بمبئي ۾ ڇاپيو

بمبئي ڇاپو ۱۲۸۳ھ جو ڀريون ورق

تاريخ وفات حسرت آيات، مرحوم مغفور هزهائيغس مير عبدالحسين خان ٽالپور ابن سرڪار شوڪت مدار مير عباس علي خان ٽالپور ابن سرڪار فيض آثار مرحوم مسرور خلد قرار امير ڪبير شان مير نصير خان شهداداڻي ٽالپور والي مملڪت سنڌ طالب الله ثراه و نور الله مرقده، بتاريخ ۸ ذيقعدالحرام سنه ۱۳۴۲ هه مطابق ۱۲-جون ۱۹۲۴ع.

تاريخ وفات مرحوم و مغفور جنت مڪان فقير خليفو ميان حسين پناٿي بتاريخ ۳ ماه محرم سنه ۱۳۲۴ هه روز مريخ وقت شمس رحلت ڪرده.

جنت مڪان وصال مرحوم مغفور ميان سيد جڙيل شاهه ولدميان قبول محمد شاهه پناٿي. بتاريخ ۲۷ ماه جمادي الثاني سنه ۱۳۳۶هه.

تاريخ وفات مغفور سيد مقبول شاهه. دواز دهم ماهه ربيع الثاني ازين دار فاني رحلت ڪرده سنه ۱۳۱۱.

وفات وصال مرحوم و مغفور ميان سيد حاجن شاهه ولد ميان مقبول شاهه. تاريخ ۱۴ ماه رمضان روز آڱارو سنه ۱۳۳۳هه.

مرحوم محمد شاهه ولد احمد شاهه تاريخ وفات ۲۵ جمادي الاول ڏينهن خميس ۱۳۸۷هه.

وصال مرحوم مغفور جنت مقصور ميان احمد خان خلف مرحوم رئيس ميان ولي محمد خان نظاماڻي تاريخ ۱۴ ماه محرم الحرام سنه ۱۳۵۷هه روز خميس.

وصال مرحوم مغفور ميان جان محمد شاهه ولد احمد شاهه تاريخ ۲۷ مهينو رمضان شريف سنه ۱۳۵٦هه روز خميس.

مرحوم قبول محمد شاهه ولد حاجن شاهه تاريخ وفات ۲۰ شعبان بروز خميس عمر ۴۸ ورهيه ۱۳۷۴هه.

وفات مرحوم مغفور ميان سيد شاهه محمد شاهه ولد احمد شاهه تاريخ ۸ ماه صفر عمر ۷۵ ورهيه سنه ۱۳۴۲هه.

مرحوم سيد بڍل شاهه وفات تاريخ ۵ ماه صفر سنه ۱۲٦۵هه ڏينهن چنڇر عمر ٦۵ ورهيه.

وفات مرحوم سيد ملوڪ شاهه تاريخ... ماه رمضان سنه ۱۳٦۰هه.

• اشفاق حسين ميمڻ، هالا



# لطيف، پورهيتن جو شاعر

(ٻيو انعامي مضمون)

[هن مضمون کي ٻيو نمبر ڏنو ويو ۽ کيس ھنيج سؤ رپيا روڪ انعام ائسوسيئيشن طرفان ڏنو ويو هو. هي ساڳيو مضمون روزنامہ ”هلال پاڪستان“ جي 8- اپريل 1978ع واري اشاعت ۾ ’سيف الله عمرڪوٽ‘ جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي، جو درحقيقت ۾ پل آهي، اهو مضمون اشفاق حسين ميمڻ جو آهي، جيڪو قلمي دنيا ۾ منظور قادر جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو - ايڊيٽر].

سِير ساندائط ڪيري، ھُڇج گهرُ لوهارَ جو،
ڏَڪَنِ هيٺ ڏَري مَان گَڏِينَهي رُڪَ سيڻ.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ رحمت الله عليه سولهاري سنڌ جي سگهوري شاعر جي شاعري نہ رڳو فني شاعري آهي، ہر سنڌس شعر ۾ هڪ طرف حقيقت ۽ معرفت جا موتي آهن تہ ٻئي طرف مجازي عشق جا جذبا آهن، هڪ طرف اخلاقيات جا اعليٰ سبق آهن تہ ٻئي طرف فطرت جا عجيب و غريب منظر آهن. هڪ طرف سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ريتون ۽

۾ همت ڏياري ٿو ۽ چوي ٿو تہ اُٿ! سنڌرو ٻڌُ، الله ۾ آسرو رک ۽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيءُ. ٻوءِ ڏس تہ تنهنجو ڏٺي کهڙو نہ ڏانار آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

جَنين ڏاندُ نہ ٻج، تنين ۾ تنهنجو آسرو.
ٻوءِ اُوپارين سڄ، اول ڏِئين اَنِ کي.

پنائي گهوٽ محنت جي تاڪيد ۾ ڪيترائي شعر چيا آهن، ليڪن هن مضمون جي طوالت جي سبب کان هت اِترو ئي بس آهي. اَئون ٻنهنجي هن مضمون جو اختتام لاکيڻي لطيف جي هن بيت تي ڪريان ٿو:

”ويٺي ورَنہ ٻُرن، سَٺي ميلن نہ سُپرين،
ڏور ٻنديون ڏِسن، جڏهن تڏهن پيرين ءِ کي.“

---

پاڇاهي نہ پاڙيان، سرتيون سئيءَ ساڻ،
ڍڪي اُگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر جاٻي جاڻ، ابر جي اوصاف کي.
(شاهہ)

گند جنين جي گوڏ ۾، پراڻو ڙا پوشاڪ،
اُنين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.
(شاهہ)

# نوان ڪتاب

## گلڙن رنگ لاتو

ٻارڙا پبليڪيشن ٻارن لاءِ پهريون ڪتاب ”گلڙن رنگ لاتو“ ڇپجي شايع ٿي چڪو آهي. هن اداري جو نگران، سنڌ جو لائق ليکڪ مخمور يوسفاڻي آهي، جڏهن ته ڪتاب جا مرتب ٻه ذهين ٻار، سيف الله خالد ۽ رميش ڪمار ناشاد آهن. ٿر علائقي مان ٻارن جو هي ڪتاب شايع ٿيڻ ثابت ٿو ڪري ته ٿر جي ٻارڙن ۾ به سنڌي ادب کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ سڄاڳيءَ جي لهر پيدا ٿي چڪي آهي. هن ڪتاب جي ١۴ صفحن ۾ اعظم آزاد، تاراچند پيوس، رميش ڪمار ناشاد، غلام مصطفيٰ بلوچ، موهن لال مسافر، پيمراج کتري، سيف الله خالد، موتيرام موتي ۽ اسد الله ٻلي جا سٺا سٺا نظم آهن ۽ اسد الله ٻلي، محمد ايوب ديوانو، منوهر آزاد جون چڱيون ڪهاڻيون ڏنل آهن. ان کان سواءِ ڪجهه ته سوچيو، نصيحت ڀريا نڪتا، ڏاهن جا ڏس، پڙهو ۽ ٻڌايو، خوشي جي خوراڪ، ذهني ورزش جو مقابلو، ٻڌ ته ٻڌايان جا ڪالم سٺا آهن. هنن ٻارڙن ڪيترن لکيون، جن هيڏي جاکوڙ ڪري ٻارن لاءِ هيءَ نڪي پيش ڪئي آهي. چاليهن صفحن جو هي ڪتاب ٻن رنگن جي ٽائيٽل سان ٻن روپين ۾. ٻارڙا پبليڪيشن عمرڪوٽ وٽان يا سنڌ جي ڪنهن به بوڪ اسٽال تان وٺي سگهجي ٿو. (تاج الملوڪ)

---

## ٻارڙن لاءِ نئين سوکڙي

## هن ديس جون آکاڻيون

هن ڪتاب ۾ ٻارڙن لاءِ سٺيون سٺيون ڪهاڻيون ڏنل آهن. جنهن جي قيمت ٻه روپيا آهي. ان کان سواءِ **”رابيل“** جو چوٿون پرچو به شايع ٿي چڪو آهي.

گهرائڻ لاءِ: **رابيل** پبليڪيشن، پوسٽ باڪس 61- لاڙڪاڻو.

— ۱۵۳۲ نالو: تاراچند ڀيوس.
پڙهندڙ: ڏهون. وندر: پڙهڻ سان چاهه.
عمر: پندرهن سال. ائڊريس: ٻارڙا
پبليڪيشن عمرڪوٽ.

— ۱۵۳۳ نالو: علي احمد ڀٽو شورو.
پڙهندڙ: ڇهون. عمر: يارهن سال. وندر:
تعليم حاصل ڪرڻ. ائڊريس: فدا حسين
شورو، ميرپور بٺورو.

— ۱۵۳۴ نالو: نياز احمد شاهه بخاري.
پڙهندڙ: اٺون. عمر: چوڏهن سال.
وندر: جوڊو ڪراٽو کيڏڻ. ائڊريس:
گورنمينٽ سنڌ ماڊل اسڪول اسٽيشن
روڊ ٽنڊوالهيار.

— ۱۵۳۵ نالو: غلام علي 'گل' ميمڻ.
پڙهندڙ: ڏهون. عمر: پندرهن سال.
وندر: گل ڦل پڙهڻ. ائڊريس: گهر نمبر
۱۳/۲۰۸ بوٽ بازار شڪارپور.

— ۱۵۳۶ نالو: الهڏنو ميمڻ. پڙهندڙ:
ڏهون. عمر سترهن سال. وندر: رسالا
پڙهڻ. ائڊريس: بوٽ بارار شڪارپور.

— ۱۵۳۷ نالو: اخلاق احمد سرهندي.
پڙهندڙ: نائون. عمر: چوڏهن سال.
وندر: ڪرڪيٽ کيڏڻ. ائڊريس:
حاجي فقيرالله هزاري در علوي محلو
شڪارپور سنڌ.

— ۱۵۳۸ نالو: روشن علي ميمڻ.
پڙهندڙ: نائون. عمر: ۱۴ سال. وندر:
ڪرڪيٽ کيڏڻ. ائڊريس: حاجي
فقيرالله شاهه هزاري در علوي محلو
شڪارپور.

— ۱۵۳۹: نالو: افتخار احمد. پڙهندڙ:
اٺون. عمر: تيرهن سال. وندر: رسالا
پڙهڻ. ائڊريس: قاضي عابد پرائمري
اسڪول ويجهو اوڊين سئنيما حيدرآباد.


— ۱۵۴۰ نالو: يار محمد ڪالڪڙو.
پڙهندڙ: اٺون. عمر: ۱۲ سال. وندر:
نماز پڙهڻ. ائڊريس: معرفت عبدالغفور
راڄپر گودڙا گلي نشين باڊهه.

— ۱۵۴۱: ڀلاج رائپال. پڙهندڙ:
ٽيون. عمر: ڏهه سال. وندر: غريبن
جي مدد ڪرڻ. ائڊريس: پرائمري
اسڪول خانپور مهر.

وچن ڏيون. رات ڏيڻ شرط، ان مناري جو مٿيون حصو ايڏي روشني ڏئي ٿو جو سج جو گمان ٿئي ٿو. اها روشني 7ء 71 ڪلوميٽر جي مفاصلي تائين ڪم ڏيئي سگهي ٿي.

## ڳالهائيندڙ دٻو

گهڻو ڪري اڪيلو ماڻهو ڪٿ تي هوندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته ڪنهن سان ڳالهيون ڪريان يا ان کان پڇان. ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اولهه جرمنيءَ جي سائنسدانن هڪ دٻو ٺاهيو آهي جو ماڻهن کي انتظار ڪرڻ ۽ ڪٿ ڏيڻ کان بچايو ڇڏي. ڳالهائيندڙ دٻو، ماڻهن کي خوش رکڻ لاءِ فرمائشي گانا، سنگيت، حياتي بابت اڳڪٿيون. انساني حقن، سياسي حالتن، ملڪي ترقيءَ لاءِ رٿائن کان سواءِ هڪ سٺي شهري جي فرض تي به سٺي ۽ مفيد ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهين اوهان ڪنهن بس اسٽاپ تي بس جو انتظار ڪري ڪٿ ٿي هوندا ته اهو ڳالهائيندڙ دٻو اوهان کي وندرائيندو.




## کير ڏيندڙ وڻ

آمريڪا ۾ هڪ اهڙي وڻ جو پتو پيو آهي، جيڪو کير ڏي ٿو. اهو وڻ اٽڪل هڪ سؤ فوٽ ڊگهو آهي. جڏهين ان مان کير وٺڻو هوندو آهي ته سنڌس ٿڙ ۾ ننگ ڪري هيٺان ٿانءُ رکي ڇڏبو آهي، ٿڙ مان ٽيپا ٽيپا ٿي کير ٿانءَ ۾ هوندو ويندو آهي. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته اصلي کير جي جاءِ تي وڻ جو کير واپرائڻ ۾ ڪو به نقصان ڪونهي.

## سامونڊي گاڏي

انگلنڊ جي مشهور سامونڊي جهاز ٺاهيندڙ اداري ڪيمل ليئرڊ هڪ گاڏي ٺاهي آهي جا سمنڊ جي تري ۾ ڦيٿن تي هلي سگهي ٿي، ان ۾

بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ننڍڙو پاورهائوس ۽ سائنسي خبرچار جا اوزار ۽ ٽيپون



هيٺ جو پورو بندوبست آهي. اها گاڏي ڪنهن به وڏي جهاز تان سمنڊ ۾ لاهي سگهجي ٿي. ان کان پوءِ ان جهاز سان سندس ناتو هر وقت قائم رهي ٿو جيئن هنگامي حالتن ۾ ڪيس مدد پهچائي سگهجي. ان سامونڊي گاڏيءَ ۾ رهي، سمنڊ بابت تحقيقاتي ڪم به ڪري سگهجي ٿو.

## ريڊيو ٽيليفون

آمريڪا جي بيل ٽيليفون ليبارٽريءَ هڪ اهڙو عجيب و غريب ۽ هلڪو ٽيليفون ايجاد ڪيو آهي، جنهن کي سولائيءَ سان کيسي ۾ رکي سگهجي ٿو. اهو ٽيليفون روايتي تارن جي جهنجهٽ کان آزاد آهي، مگر هلندي يا ڪٿي به ان ٽيليفون سان، ڪهڙي به نمبر تي ڳالهائي سگهجي ٿو. اهو ريڊيو ٽرانسسٽر جي اصول تي جڙيل آهي. ان ۾ ڊائناميٽڪ نظام ڪتب آندل آهي. جنهن سان هزارين ڪال هڪ ئي وقت ڪري سگهجن ٿا.

## هڪ سير جو ٻار

جهان ۾ هڪ اهڙي ٻار جي سالگرهه ملهائي وئي آهي، جنهن جو وزن هڪ سير آهي. اهو ننڍڙو ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ جو پهريون ٻار آهي. ان خبر کي جهان ۾ وڏي اهميت ڏني ويئي، ۽ ان کي سال جي ڏهن مکيه خبرن مان هڪ چاڻايو ويو هو. ڄمڻ وقت اهو ٻار اڌڙو ننڍڙو ۽ ٽڪڙو هو جو هٿ جي ترئيءَ تي سولائي سان اچي سگهيو ٿي. انهن پنجن ٻارن هڪ سال جيئرو رهي ثابت ڪيو آهي ته سنئي ترگهور لهڻ سان وقت کان اڳ ڄاول گهٽ وزن وارا ٻار به جيئرا رهي سگهن ٿا.

## ننڍو ۽ وڏو ڳوٺ

فرانس جي هڪ تمام ننڍڙي ڳوٺ جو نالو ”لا“ آهي، جنهن ۾ رڳو ۴۳ ماڻهو رهن ٿا. جڏهن ته ان ساڳئي ملڪ جي ”نارٿ ويلبن“ ۾ هيو ڳوٺ آهي. جنهن جو نالو تمام وڏو آهي. ان ڳوٺ جو اڙهن اکرن وارو نالو لکڻ لاءِ اوڻيهه فوٽ ڊگهي بورڊ جو ڪپ هيو جيڪو ريلوي اسٽيشن تي لڳايو ويو آهي، جتي هر سال سير و سفر تي ايندڙ ماڻهن کي هڪ لک ٽڪيٽون وڪيون ويندييون آهن.

---

جاڳڻ منجهان جس، آهي ادا ڏنهن کي،
لاهي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪس،
ورنهن ڪجان وس، صبح ساڻ سيد چئي.
(شاهه)

# اوکو امتحان

[نوٽ:- ماهه آگسٽ جي پرچي ۾ ڪوپن موڪلڻ جي تاريخ 2 سيپٽمبر مقرر ڪيل هئي، پر گل ڦل دير سان شايع ٿيڻ ڪري عيد جون موڪلون هجڻ ڪري 11 سيپٽمبر تائين آيل سمورا ڪوپن مقابلي ۾ شريڪ ڪيا ويا آهن. -ايڊيٽر]

## امتحان نمبر 40

هڪ ماڻهو 5760 روپيا ٽن ڄڻن ۾ اهڙيءَ طرح ورهائي ٿو جيئن هڪڙي پٽ پنهنجي حصي جو اڌ خيرات ڪيو ۽ ٻئي ٽيون حصو ۽ ٽئين چوٿون حصو خيرات ڪيو ته سڀني جي خيرات جي رقم هڪ جيتري ٿي پئي. ٻڌايو ته نمبروار هر هڪ پٽ کي سندس حصي ۾ ڇا مليو هو؟

صحيح جواب موڪليندڙن جا نالا گل ڦل ۾ شايع ڪيا ويندا. جواب موڪلڻ لاءِ اسان وٽ پهچڻ جي آخري تاريخ 24 نومبر 1978ع آهي. ان تاريخ کان پوءِ پهچندڙ جواب رد ڪيا ويندا. جواب سان گڏ هن رسالي ۾ ڏنل ڪوپن نمبر 40 پُري موڪلڻ ضروري آهي. هڪ ڪوپن رڳو هڪ ڄڻو ڪتب آڻي سگهي ٿو. هڪ ئي لفافي ۾ گهڻائي ڪوپن گڏ موڪلي سگهجن ٿا. پراڻن ڪوپن کي رد ڪيو ويندو. پنهنجا نالا، ڳوٺ ۽ ضلعو صاف لکو. صحيح جواب موڪليندڙن مان 5 نالا ڪڻن ذريعي ڪڍي، انهن کي 25 روپين جا ڪتاب انعام ۾ ڏنا ويندا.

